ڊاڪٽر احسان دانش

# شاهه لطيف جي ڪلام جي ادبي، فني ۽ لسانياتي پرک

## (مختصر تحقيقي جائزو)

***Abstract:***

**Shah Latif's Poetry: A Literary, Artistic and Linguistic Evaluation**

*To understand the true greatness of Shah Abdul Latif it is essential to make an artistic, literary and linguistic assessment of his poetry. By now, such an assessment has been made at two levels: local and international. At local level, the scholars and researchers have studied the linguistic qualities, style, prosody and musical elements of his poetry and have given him a high position among the great poets. At international level, some scholars have evaluated his poetry on the basis of international literary principles, standards and values have placed him on the heights of greatness. In this article an attempt has been made to present a brief research analysis of Latif's poetry, keeping in view the evaluation of his poetry by the scholars on local level in the sub-continent based on the commonly followed artistic, literary and linguistic principles of critical analysis.*

**Key words:** artistic, linguistic assessment, prosody, musical elements, evaluation, critical analysis.

**شاهه لطيف** جي حقيقي عظمت سمجهڻ لاءِ سندس شاعريءَ جي فني، ادبي ۽ لسانياتي پرک ڪرڻ نهايت ضروري آهي. هن وقت تائين ڀٽائيءَ جي ڪلام جي اهڙي پرک ٻن سطحن تي ٿي آهي. پهرين مقامي ۽ ٻي بين الاقوامي. مقامي سطح تي شاهه سائينءَ ڪي سندس ڪم آندل ٻوليءَ جي خاصيتن، علم البيان توڙي مروج شعري اصولن، موسيقيت ۽ ٻين خوبين جي بنياد تي پرکي اسان جي عالمن ۽ محققن کيس هڪ وڏو شاعر ثابت ڪيو ۽ اهڙيءَ ريت ٻين عالمن وري سندس شاعريءَ کي بين الاقوامي ادبي اصولن، معيارن ۽ قدرن تي پرکي، عظمت جي بلندين تي بيٺل ڏيکاريو. هن مقالي ۾ مون، ڀٽائيءَ جي ڪلام جي مقامي سطح تي يا ننڍي کنڊ جي سنڌي عالمن ۽ محققن مطابق، مروج فني، ادبي ۽ لسانياتي اصولن کي سامهون رکندي، سندن طرفان ڪيل





تحقيق ۽ پرک جي حوالي سان، مختصر تحقيقي جائزو پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ڊاڪٽر گربخشاڻي پنهنجي ڪتاب 'مقدمه لطيفيءَ' ۾ لکيو آهي ته، "شاهه لطيف جهڙو هر وجه ڪامل ۽ هر دلعزيز شاعر، سنڌ ۾ اڃا ڪونه پيدا ٿيو آهي.... سندس شاعراڻيءَ خستوريءَ جي خوشبوءِ سڀ ولايت واسي ڇڏي آهي. شاهه ئي آهي جنهن ۾ هڪ وڏي شاعر جون ڪُلي لياقتون موجود آهن. سندس خيالي قوت جو هڪ وڏو درياهه هي آهي، ته جيئن جيئن اسين سندس شعر تي اونهو غور ڪنداسين، تيئن تيئن اسان ۾ نئين حيرت اٿپن ٿيندي."[1] ساڳئي ڪتاب ۾، گربخشاڻي صاحب، شاهه صاحب جي شاعريءَ جي جمالياتي پهلوءَ تي روشني وجهندي چيو آهي ته، "ڪنهن به شاعر جي بزرگي اوتري قدر قبول ڪئي ويندي، جيتري قدر منجهس جمال جي مشاهدي ماڻڻ جي قابليت آهي ۽ جيتري قدر ان مشاهدي جي ڪري سندس جيءَ ۾ جذبا ۽ امنگ اٿن ٿا. جمال جا پڻ ڪيترا ئي قسم آهن، جهڙوڪ: طبعي، جسماني، اخلاقي ۽ روحاني. مگر درحقيقت سڀ حسن جو مول هڪ ئي آهي ۽ جنهن جنهن ويس ۾ پاڻ کي پڌرو ڪري ٿو، تنهن تنهن ويس جي پسڻ سان نينهن کي نوان نوان نيش اچن ٿا."[2] جماليات بيشڪ شاعريءَ جو روح آهي ۽ دنيا جي سمورن وڏن شاعرن جي شاعري، حسن ۽ جمال جي خوبيءَ سان ڀريل آهي. جتي فارسيءَ جي عظيم شاعرن رومي، سعدي، حافظ، فردوسي، جامي ۽ تبريزيءَ جي ڪلام ۾، حسن ۽ جمال جي جوت جرڪي ٿي، اُتي عربيءَ جي 'سبعه معلقات' وارن ستن قادرالڪلام شاعرن: اُمرءُ القيس، زهير بن ابي سلميٰ، عمرو بن ڪلثوم التغلبي، طرفه ابن عبدالبڪري، عنتره بن شداد العبسي، لبيد بن ربيعه العامري ۽ حارث بن حِلزه اليشڪري ۾ پڻ جمال جا جلوه نظر اچن ٿا. ايئن ئي هندي ڪوين ۾ جهڙيءَ ريت، رامانند، ڀرتري هري، ميران ٻائي، دادو ديال، سورداس، ڀڳت ڪبير، تلسيداس ۽ ڪاليداس جا شبد، سونهن جا پُر پيالا آڇين ٿا، تهڙيءَ ريت ئي انگريزي ۽ يورپي شاعرن: شيڪسپيئر، وردس ورٿ، گوئٽي، ٽي ايس ايليٽ، والٽ وٽمن ۽ بادليئر جي نظمن ۾ به جماليات جهلڪندي محسوس ٿئي ٿي. اهڙي ئي بلڪ انهيءَ کان اعليٰ پد جي جماليات، شاهه جي شاعريءَ ۾ به انوکي سُونهن پيدا ڪئي آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي جو چوڻ آهي ته، "شاعر ۾ نه فقط حسن جي مشاهدي ۽ حقيقت جي پروڙ جي قابليت هجڻ گهرجي، مگر ان سان گڏ هڪ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٻئي هنر جو هئڻ پڻ ضروري آهي، جنهن کي شعري صنعت چئجي ٿو... ڪلام اهڙو هئڻ گهرجي جو ماڻهوءَ تي بجليءَ جهڙو اثر پيدا ڪري. انهيءَ لاءِ ڪن ٻين خاصيتن جو شاعر ۾ هئڻ پڻ واجب آهي، جن جي دواران شعر جو حسن هيڪاري نکريو نروار ٿيو پوي. اها ڪامل شاعر جي آخرين منزل آهي. اهي خاصيتون آهن: فصاحت، بلاغت، سلاست، جدت ۽ جوش... شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ مٿيون ڄاڻايل خوبيون هر طرح موجود هيون.“[3] ان حوالي سان اسان جي عالمن ۽ محقق جيڪو ڪم ڪيو آهي، ان تي اڳتي هلي روشني وجهندا سين.

شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ جيڪا سنڌي ٻولي استعمال ڪئي آهي، ان کي عالمن لاڙي ٻولي ڪوٺيو آهي، پر حقيقت ۾ اها نهايت ڪشادي ۽ گهڻ رخي آهي. ڀِٽائي جي ٻوليءَ ۾ سنڌ جي مختلف طبعي پاڳن ۾ استعمال ٿيندڙ سنڌي ٻوليءَ جا لفظ، اُچار ۽ لهجا موجود آهن. ڀٽائيءَ پنهنجي سير سفر دوران، سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر، هر خطي جي مقامي ٻولي ۽ لهجي کي پنهنجايو ۽ پنهنجي ڪلام ۾ جاءِ ڏني. ”شاهه صاحب، سنڌ جي سڀني پاڳن، وچولي، اُتر، لاڙ، ٿر، ڪوهستان، دريائي ڪڇي، سامونڊي ڪناري ۽ ڪاري توڙي سنڌ کان ٻاهر، لس ٻيلي ۽ ڪڇ طرف ويو، ۽ اُتي جي عام ماڻهن سان گهڻو وقت گذاريائين. انهيءَ ڪري انهن سڀني پاڳن جا لفظ، اصطلاح ۽ محاورا سندس ذهن نشين ٿيا؛ ٻئي طرف قرآن شريف، مولانا رومي جي مثنوي ۽ مبين شاهه ڪريم جي بيان العارفين جا درس ۽ دور ڀڏائين.“[4] ان کان علاوه جوڳين سان سنگت ۽ صحبت توڙي ڪبير ۽ تُلسيءَ جهڙن هنديءَ جي قادر الڪلام شاعرن جي شاعريءَ کان آگاهيءَ سبب سندس ڪلام تي عربي ۽ فارسيءَ سان گڏ، هنديءَ جو اثر پڻ نمايان ٿي پيو. انهن مختلف ٻوليائي اثرن جي ڪري ”شاهه جي بيتن ۽ واين ۾ سمايل بالغانہ فڪر جو ’بياني انداز‘ هڪ وڏي معيار وارو آهي.“[5]

شاهه سائين جي ڪلام ۾ جيڪا وسعت ۽ گوناگونيت آهي، ان جو وڏو ڪارڻ اهو آهي تہ هن جو مڪمل ڪلام سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن هڪ لهجي تي آڌاريل نہ آهي، پر ان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن جو ميلاپ موجود آهي. ”هن سنڌي ٻوليءَ جي ڌار ڌار لهجن، جهڙوڪ: اترادي، وچولي، لاڙي، ٿري، ڏاٽڪي، پارڪري، ماڇري، ڪارائي، منڇري، دريائي، ڪوهستان جي ڪاڇي واري لهجي کان سواءِ لاسي، جدگالي ۽ فراقي لهجن کان سواءِ ميواڙي، مارواڙي، جيسلميري ۽ ڪڇي ٻولين جي لغوي خزاني





کي بہ پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪيو. شاهه صاحب انهيءَ ساري لغوي خزاني کي سنواريو، سڌاريو، ان ۾ نواڻ آندي ۽ سنڌي زبان کي هر لحاظ کان وسيع، مائيدار ۽ شاهوڪار بنايو.“[6] اهڙيءَ طرح شاهه سائين، سنڌي ٻوليءَ جي متروڪ ٿيل لفظن کي پڻ پنهنجي ڪلام ۾ محفوظ ڪيو آهي. شاهه سائين جي ڪلام ۾ گهڻ معنائن وارن لفظن لاءِ هڪ هڪ لفظ ڪم آڻڻ، لفظن جي نئين وياڪرڻي صورتن جوڙڻ، سادن ۽ بنيادي لفظن جي پٺيان پڇاڙيون ملائي نوان لفظ ناهڻ، ٻٽن يا تڪراري لفظن جي استعمال، ابتڙ لفظن يا لفظن جي ضدن جي استعمال، هڪ لفظ لاءِ گهڻن هم معنيٰ لفظن جي استعمال، سنڌي وياڪرڻ جي متصل ضميرن جي استعمال، ٻوليءَ ۾ حالتن جي گردانن جي استعمال، حرف جرن جي استعمال، اسم صغير جي استعمال، فعل متعدي مجهول جي استعمال، اسم مفعول جي استعمال، مخفف صورتن جي استعمال وارين خصوصيتن جي حوالي ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جو تحقيقي اڀياس بي مثال آهي. ڊاڪٽر الانا صاحب شاهه لطيف جي ڪلام ۾ حسن بيانيءَ وارين خوبين کي بيان ڪندي لکيو آهي، ”علم السان جي نقط نگاهه کان، حسن بيانيءَ جي حوالي سان، شاهه صاحب پنهنجي ڪلام جي ٻوليءَ ۾ نوان تجربا ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي عبارت ۽ اسلوب ۾ انقلابي تبديليون آڻي ڇڏيون.“[7] شعر ۾ حسن بياني واري خوبي تشبيهن، استعارن، تجنيسن ۽ مختلف شعري صنعتن جي استعمال سبب پيدا ٿئي ٿي، جنهن ڏانهن مٿي ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري حوالي ۾ پڻ اشارو ڏنل آهي.

گربخشاڻي صاحب طرفان نشاندهي ڪيل شعري خوبين توڙي حسن بيانيءَ جي حوالي سان سنڌ جي اديبن ۽ محققن شاهه لطيف جي شاعريءَ جي عملي پرک بہ ڪئي آهي ۽ ثابت ڪيو آهي تہ شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ مٿيون ڄاڻايل خوبيون موجود آهن. انهي سلسلي ۾ حافظ محمد احسن چني، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ڊاڪٽر بشير احمد شاد جو ڪم نهايت ڪارائتو آهي. ڊاڪٽر شاد جو مقالو ’شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ صنعتن جو استعمال‘ ان سلسلي جو هڪ اهم مقالو آهي، جنهن ۾ هن صاحب شعري صنعتن ۽ تجنيسن جهڙوڪ فصاحت، بلاغت، سلاست، جدت، تشبيهہ، استعارو، تجنيسِ حرفي، تجنيسِ ناقص، تجنيسِ تام، تجنيسِ زائد، صنعت تضاد، صنعت ابهام، صنعت ڪنايہ، صنعت تجاهل عارفانہ، صنعت مراعات النظير، صنعت مجاز مرسل، صنعت تضمين، صنعت حسنِ تعليل، صنعت تلميح، صنعت سوال و

جواب، صنعت مبالغو، صنعت تفسير، صنعت ممتنع، صنعت مڪرر، صنعت سياقت الاعداد ۽ صنعت ارسال المثل ڪي شاهہ سائين جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ بيان ڪيو آهي ۽ ثابت ڪيو آهي تہ ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ اهي سموريون صنعتون ۽ تجنيسون موجود آهن. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ ”لطيف سرڪار جي ڪلام جي مطالعي ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ سندس ڪلام مذڪوره صنعتن کان علاوه ٻين بہ ڪيترين ئي اهم صنعتن سان سينگاريو پيو آهي. اهڙين صنعتن جو انگ تمام گهڻو آهي.“[8] شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ علم البيان واريون سموريون خوبيون پڻ موجود آهن. ان حوالي سان ڊاڪٽر غلام علي الانا جو مقالو ’علم البيان جي روشنيءَ ۾ شاهہ لطيف جي ڪلام جو مطالعو‘ نهايت اهم آهي. ڊاڪٽر الانا صاحب پنهنجي هڪ ٻئي مقالي ۾ لکيو آهي تہ ”شاهہ صاحب پنهنجي ڪلام جي ٻوليءَ کي حسنِ بياني ۽ معنوي خوبين، صنايع ۽ بدايع وارين خصوصيتن سان مالا مال ڪيو. اهڙيءَ طرح هن، سنڌي ٻوليءَ جي ادبي توڙي لسانياتي نقط نگاهہ کان نئين سر تعمير ڪئي، ان کي سڌاريو ۽ سنواريو ۽ ان کي ان وقت جي حاڪمن جي زبان، فارسيءَ جي معيار تي پهچائي ڇڏيو.“[9]

شاهہ جي ٻوليءَ ۾ تجنيسن جي خوبين تي ڳالهائيندي هيرو شيوڪاڻي لکي ٿو تہ ”شاهہ ڀٽائيءَ جي ڪلام جي هڪ تمام وڏي فارميڪل خوبي آهي تجنيسِ حرفي ۽ تجنيسِ خطي يا انوپراس، جيڪا هن جي سموري ڪلام سان تاجي پيٽي جُڙي پئي آهي..... تمام گهڻي قدر شبدن جو اهو انوپراس شاهہ جي ڪلام ۾ سهج سڀاو ايئن اُٽيل آهي جو ان مان نہ فقط سندس ٻوليءَ جي تخليقي سگهہ جو ڀرپور احساس ٿئي ٿو، بلڪ شعر جو فڪري ۽ ڀاوناتمڪ پهلو، جڻ تہ پڙهندڙ جي ڄاڻ وڌائڻ عيوض، سونهن جي انيوتي مان سپجي، هن جي حسن جو حصو بڻجي وڃي ٿو..... شاهہ صاحب دنيا جي وڏن شاعرن ۾ اهڙو اڪيلو شاعر آهي، جنهن جي شبد رچنا ۾ تجنيسِ حرفي جي اها آوازي لئي بي مثل آهي.“[10] شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ تجنيسِ حرفيءَ جو اهو فن، لئي، ترنم ۽ موسيقيت پيدا ڪري ٿو، اهڙو سڀ کان وڏو مثال شاهہ جي رسالي جي پهرين سُر ڪلياڻ جو پهريون ئي بيت آهي، جنهن ۾ نہ رڳو تجنيسِ حرفي جي خوبي موجود آهي پر ڳڏ و ڳڏ ’هم آواز سَر حرفي صنعت‘ (Alliteration) سبب اندروني ترنم ۽ لئي وارو حسن پڻ موجود آهي.





اول الله عـلـيـم، اعـلـيٰ عـالـم جـو ڌڻـي،
قادر پـنـهـنـجـي قـدرت سين، قائم آهہ قديم،
والـي واحـد وحـده، رازق رب رحـيـم،
سو ساراهہ سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جي.

(**سُر ڪلياڻ**، داستان پهريون)

شاهہ لطيف، پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجي ٻاجهاري ٻوليءَ کي اهڙيءَ ريت استعمال ڪيو آهي جو مٿي ذڪر ڪيل خاصيتن کان علاوه بہ سندس شاعريءَ ۾ ڪيئي لغوي ۽ لسانياتي خوبيون پيدا ٿي پيون آهن. تڏهن ئي تہ علامہ دائود پوٽي چيو آهي تہ ”شاهہ جي بزرگي ۽ شهرت هن حقيقت ۾ سمايل آهي، جو هن پنهنجي ٻاجهاري ٻوليءَ جي وسيلي سنڌ جي خاص توڙي عام ماڻهن جي خيالن ۽ افڪار جي خاصي ترجماني ڪئي آهي. سندس زبان ۾ اها سلاست ۽ صفائي، اها شيريني ۽ شيوائي، اها رنگيني ۽ رعنائي، اها جاذبيت ۽ ارڏائي، اها فصاحت ۽ بلاغت، اها لطافت ۽ نزاڪت، اها اونهائي ۽ پنهائي رکي آهي، جو پڙهيلَ سواءِ دقت جي ڪيس پڙهي ۽ پُرجهي سگهن ٿا. جهانگي جهنگن ۾ جهڄندي، ڌنار ڌڻ چاريندي، هاري هر ڪاهيندي، زالون انَ پيهندي ۽ هنڌ سوريندي، پورهيت پورهيو ڪندي، غريب ۽ شاهوڪار، اعليٰ ۽ ادنيٰ، هندو ۽ مسلمان، سندس بيت جهونگارين ٿا.“[11] ظاهر ٿيو تہ ڀٽائيءَ کي عوامي پزيرائي ملڻ جو هڪ وڏو ڪارڻ سندس ٻوليءَ جو خوبصورت ۽ فنڪاراڻو استعمال آهي، اها ٻولي جيڪا پنهنجي پوري جاذبيت ۽ سگهہ سان، قاريءَ جي حواسن تي ڇانئجي وڃي ٿي. امداد حسينيءَ صحيح لکيو آهي تہ ”لطيف جيڪو سدا حيات شاعر جو پد ماڻيو آهي، تہ ان ۾ خود لطيف جي خلقيل ٻوليءَ جو وڏو عمل دخل آهي ۽ ظاهر آهي تہ اها ٻولي بہ امر آهي، جيڪا لطيف جي اظهار جو واحد وسيلو آهي. لطيف وٽ سٽ سٽاءُ ۾ جيڪو لفظن جو جڙاءُ آهي، ان جو جوهر اڄ تائين نہ رڳو جهڪو نہ ٿيو آهي، بلڪ اهو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ جهرڪندو ٿو وڃي..... لطيف وٽ لفظُ هيري مثل آهي ۽ لطيف ان جي تراش خراش ڪري، سِٽَ سَريءَ ۾ پوئي، ان جي معنيٰ جا ست ئي رنگ جهرڪائي ڇڏيا آهن.“[12] لطيف جي هيرن جهڙن لفظن، نہ رڳو ٻوليءَ جي سونهن ۽ سوڀيا وڌائي آهي، پر ان سان سنڌي ٻوليءَ ۾ خوبصورت لفظي ذخيري جو بہ واڌارو ڪيو آهي. ڀٽائيءَ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پنهنجي ڪلام ۾ جيڪا ٻولي ڪتب آندي آهي، ان جي خوبين تي ڳالهائيندي ڊاڪٽر پرسو گدواڻي پنهنجي ڪتاب ’ڇپر ڇاڻون مڪيون‘ ۾ لکي ٿو ته، ”شاعر پنهنجي رچنائن ۽ ٻوليءَ کي الڳ الڳ روپن ۾ ڪم آڻيندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾، ٻوليءَ جو ڪردارن موجب هجڻ ضروري آهي ۽ ان ڪري ٻوليءَ ۾ اصليت ۽ سپاويڪ جا گُڻَ اچي ويندا آهن...... شاهه صاحب جي شعر ۾ هي گڻ تاجي پيٽي سمايل آهي. ڇا ويهي پنهنجي سورمين جي واتان دک داستان ۽ برهه جي باهه جا ورڻ سنڌن ٺئي سليس، منڙي ۽ ڇيندڙ ٻوليءَ ۾ چوايا اٿس.“[13] گدواڻي صاحب شاهه جي ٻوليءَ جي حوالي سان وڌيڪ لکي ٿو ته، ”هر ڪنهن ويچار يا ڀاؤ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ليکڪ يا شاعر کي لفظن جي چونڊ ڪندي، ڪافي سُجاڳ ۽ هوشيار رهڻو آهي. ظاهر ڪيل ويچار يا ڀاؤ لاءِ صحيح لفظ جو استعمال ئي ڀاؤ ۽ ويچار جي اظهار جو ڪامياب ماپو آهي....... شاهه جو شعر ان گڻ سان ڀريو پيو آهي. سندس رسالي ۾ ڪو اهڙو اکر نه آهي جو گهر گهلو هجي.“[14] شاهه جو هر لفظ منڊيءَ ۾ ٽڪ وانگر آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڀٽائيءَ جي شاعريءَ مان اڄ تائين ڪنهن لفظ جي ڦير گهير جي ضرورت محسوس نه ٿي آهي. حقيقت ۾ اها هڪ ڪامل شاعر جي نشاني آهي.

ڊاڪٽر بشير احمد شاد پنهنجي ڪتاب ’شاهه لطيف، هر دور جو شاعر‘ ۾ شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جي حوالي سان لفظي ۽ معنوي ندرتن تي ڀرپور روشني وڌي آهي. هو لکي ٿو ته، ”ادبي ٻوليءَ جي بنيادي خوبين ۾، لفظي ۽ معنوي ندرت کي وڏي اهميت حاصل آهي. اها خوبي، ٻوليءَ کي معياري ۽ خوبصورت بڻائي ٿي ۽ منجهس نواڻ ۽ مٺاس پيدا ڪري ٿي. شاهه سائينءَ جو رسالو، سنڌي ٻوليءَ جو شاهڪار آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ کي دنيا جي معياري ۽ سڌريل ٻولين جي صف ۾ آڻي بيهاري ٿو. رسالي جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته منجهس لفظي ۽ معنوي ندرتن جو خزانو ڀريل آهي.“[15] ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ڄاڻايل ان مقالي ۾، شاهه جي ڪلام مان انهن خوبين کي نروار ڪيو آهي.

شاهه جي شاعريءَ ۾ ادبي، لسانياتي ۽ لغوي خوبين جهڙوڪ اصطلاح، محاورن، پهاڪن، تجنيسن، تلميحن، علامتن، تشبيهن توڙي شعري صنعتن يا مجموعي طور حسن بيانيءَ ۽ علم البيان جي حوالي سان سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن تحقيق ڪئي آهي؛ پر خاص طور محاورن ۽ پهاڪن تي سيد اظهر گيلاني جو ڪتاب

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





’شاهه جي ڪلام ۾ پهاڪا ۽ محاورا‘ هڪ ڪارائتو ۽ اهميت وارو ڪم آهي. جنهن ۾ هن صاحب ڀٽائيءَ جي رسالي جي سُرن مان اُهي بيت چونڊي ڌار ڪيا آهن، جن ۾ پهاڪا ۽ محاورا ڏنل آهن. گيلاني صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته، ”مون شاهه صاحب جا اُهي بيت چونڊيا آهن، جن ۾ پهاڪا ملن ٿا. انهن محاورن کي به منتخب ڪيو ويو آهي، جيڪي پهاڪي سان گهرو لاڳاپو رکندڙ آهن، جيڪڏهن شاهه صاحب جي ڪلام جو مطالعو دل جي اکين سان ڪيو ويندو، ته روح کي راحت ۽ تازگي حاصل ٿيندي. شاهه صاحب جي هر بيت جي آخري مصرع نهايت زوردار ۽ وزنائتي، ڄڻ ته بيت جو نچوڙ ۽ مڪمل شرح هوندي آهي. اڪثر ڪري پهاڪو به ان ۾ چرڪندي نظر اچي ٿو. غور ڪبو ته ٻيون مصراعون به محاوري ۽ پهاڪي کان خالي نه آهن.“[16] اهڙيءَ ريت شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ اصطلاحن، استعارن ۽ تشبيهن تي پڻ سنڌ ۽ هند جي عالمن ۽ ڏاهن ڀرپور نموني لکيو آهي. جن ۾ ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهه جي پي ايڇ. ڊي ٿيسز ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ استعاري ۽ تشبيهه نگاريءَ جو تحقيقي جائزو“ وڏي اهميت رکي ٿي. شاهه جي ٻوليءَ ۾ جتي مٿيون سموريون خوبيون نظر اچن ٿيون اتي اچارن جي ادغام، اچارن جي سميٽ توڙي ’وراڻ ۽ تڪرار‘ جون خوبيون به اتم درجي تي موجود آهي.

شاهه سائينءَ جي ٻوليءَ جي خوبين کي نروار ڪرڻ جي سلسلي ۾ سليم ڀٽو لطيفيءَ جو ڪم به ساراهه جوڳو آهي. جنهن صاحب لطيف جي شاعريءَ جي ٻوليءَ جي نحوي بناوتن تي چڱي روشني وڌي آهي. هو پنهنجي ڪتاب ’قدر ڪيميا ان جو‘ ۾ لکي ٿو، ”شاعريءَ ۾ نحوي بناوتن تحت فعل، ضمير ۽ اسم جي حالت بدلجڻ، زمان جو بدلجڻ ۽ واحد جمع ۽ ضمير يا اسم جي مٽا سٽا ۽ جنس جي مَٽ وغيره به معنيٰ ۽ مفهوم کي هٿي ڏئي ٿي. هي تبديليون اندازِ بيان ۾ گهرو تاثر پيدا ڪري پڙهندڙن کي متوجه ڪرڻ جو ڪامياب حربو آهن، جيڪي اظهار کي وضاحت ۾ آڻين ٿيون ۽ شاعريءَ ۾ خوبصورتي، اپار ۽ نواڻ ڏين ٿيون.“[17] اڳتي هلي هن شاهه جي شاعريءَ جا مثال ڏئي انهن خوبين کي واضح ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح، لطيفي صاحب پنهنجي ساڳئي ڪتاب ۾ شاهه جي ٻوليءَ جي لهجي ۽ لفظن جي چونڊ ۽ استعمال بابت به خيالن جو اظهار ڪيو آهي. هو لکي ٿو ”ٻوليءَ جو لهجو ۽ لفظن جي چونڊ شاعريءَ جي سونهن ۽ سُندرتا آهي. شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جو لهجو ۽ لفظ ئي آهن جيڪي پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ تي سڌو اثر ڪندا

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهن ۽ شاعريءَ ۾ شاعر جي شخصي موجودگيءَ کي بہ محسوس ڪرائيندا آهن. اڻ ڏٺل نظارا بہ ڏسڻ جي لائق ٿيو پون، مرده ۽ بي جان شيون بہ لفظن جي سهاري زنده ٿي پونديون آهن.“[18] شاهہ لطيف بيشڪ هڪ اهڙو فنڪار آهي، جنهن کي لفظن کي جيئارڻ جو هنر اچي ٿو ۽ جيئرن جاڳندڙ لفظن وسيلي ئي هو بي جان شين ۾ جان وجهي ٿو.

جهمٽ مل خوبچند پاوناڻي پنهنجي مضمون ’شاهہ جي شعر جي بناوت‘ ۾ ماضيءَ ۾ سنڌي عالمن پاران شاهہ جي شاعريءَ بابت ڪيل اعتراضن جي تاريخ بيان ڪندي لکيو آهي تہ، ”1914ع ۾ مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب ’سنڌي شعر‘ ۾، سنہ 1923ع ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پنهنجي شاهڪار ’شاهہ جي رسالي‘ جي پهرئين جلد ۾، سنہ 1937ع ۾ محمد صديق ميمڻ ’سنڌ جي ادبي تاريخ‘ ۾، سنہ 1958ع ۾ ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم ’خليل‘ پنهنجي تصنيف ’شعر و شاعريءَ‘ جي ٽئين ڀاڱي ۾ ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم پنهنجي هڪ مضمون ’شاهہ شاعر هو يا سگهڙ‘ ۾ شاهہ صاحب جي ڪلام کي پنهنجي پنهنجي خيال موجب جهنگلي شعر جو نمونو يا علم عروض جي خلاف يا ناموزون شاعري يا دهقاني تڪ بندي وغيره وغيره چيو آهي. مگر شاه جو نظم، هڪ خاص وزن ۽ قافيہ پٺاندڙ جڙيل آهي. انهيءَ علم جو مثاچرو اڀياس ئي ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ اهو هڪ مڪمل علم آهي. ان علم جو نالو ”ڇند و ديا“ يا ”ڇند شاستر“ آهي.“ (19) تنهن ڪري ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ فني لحاظ کان شاهہ لطيف جو ڪلام ڇند وديا تي آڌاريل آهي. ڇند شاعريءَ جي فني پرک جو علم آهي، اهو علم هندي شاعريءَ جي دفترن مان سنڌي شاعريءَ کي مليو. هندي ۾ ڇند وديا کي پنگل شاستر پڻ سڏيو ويندو آهي.

ڪن عالمن مطابق شاهہ لطيف پنهنجو ڪلام ارادي سان ڇند وديا ۾ نہ چيو آهي تنهن ڪري ڇند وديا سان لاڳاپيل قاعدا ۽ اصول سندس شاعريءَ تي لاڳو نہ ڪرڻ کپن. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب لکي ٿو ”شاهہ صاحب جي بيتن ۽ واين جو وزن فطري ۽ ’غير شعوري‘ آهي ۽ نہ ارادي طور ’صنعتي‘. اهو وزن ۽ ماڻ، شاهہ جي پنهنجي شاعرانہ شعور، پنهنجي مادري سنڌي ٻولي جي مزاج، توڙي سنڌي شاعريءَ جي صدين واري روايت جي ڄاڻ جو نتيجو آهي. شاهہ علم عروض يا ڇند وديا جي قاعدن قانونن کي سامهون رکي، لفظي يا حرفي ڪَڇَ وهٽ ڪري بيت ۽ وايون ڪين جوڙيون. شاهہ جو دور جيتوڻيڪ علم عروض جي ڄاڻ ۽ عروضي شاعري جي





ذوق وارو دؤر هو، پر اها ڄاڻ ۽ اهو ذوق فارسي شاعري تائين محدود هو. ڇند وديا جو تہ هت نالو نشان ئي ڪونہ هو. انهيءَ ڪري شاهہ جا بيت ۽ وايون توڙي ٻي نج سنڌي شاعري، انهن ٻاهرين ماپن ۽ ماڻن جي قيد و بند کان آجا رهيا.“[20] اڳتي هلي ڊاڪٽر صاحب شاهہ سائين جي ڪلام جي شاعراڻي لطافت، فطري حسن، فن، سٽاءَ ۽ وزن بابت لکي ٿو تہ ”شاهہ جا بيت، شاعرانہ لطافت، سنڌي بيت جي تاريخي روايت، توڙي اندروني سٽاء ۽ بيهڪ جي لحاظ سان پوري وزن ۾ آهن. ٻئي طرف سندس وايون خاص طرح آلاپ ۽ الحان جي ماڻن ۾ تُريل آهن...... ’اعليٰ شعر‘ جو معيار مٿانهون آهي، پر ’اعليٰ نظم‘ لاءِ بہ ايترو ضروري آهي تہ اهو ڪم از ڪم ’وزن‘ ۽ ’قافيي‘ ۾ پورو هجي. اهي ٻہ اهڙا عام فهم معيار آهن، جن تي اعليٰ نظم جي لحاظ سان، ڪنهن بہ بيت کي پرکي سگهجي ٿو تہ اهو شاهہ صاحب جو آهي يا نہ.“[21] شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي حوالي سان خاص طور جڏهن وزن جي ڳالهہ اچي ٿي تہ يقيني طور سندس ڪلام کي ڪنهن نہ ڪنهن شعري علم جي ماپي ۾ ماپائڻ لازم ٿي پوي ٿو. شاهہ جو پنهنجي ڪلام جي فن ڏانهن ڪيترو شعوري لاڙو هيو ان جو سڌو سنئون جواب پاڻ سندس ڪلام آهي. جڏهن اسين ڀٽائي جي ڪلام جو فني اڀياس ڪنداسين تہ اها ڳالهہ چٽي ڏينهن وانگر محسوس ٿيندي تہ سندس بيت ۽ وايون ڇند وديا تي پوريون رچيل آهن. ڇندُ ماترائن، وزنن ۽ ورتن کي، پدن مطابق شعر ۾ سلسليوار آڻڻ واري فن جو نالو آهي. ڇند جا ڪيترائي قسم آهن جهڙوڪ ماترڪ ڇند، دنڊڪ ڇند، ورنڪ ڇند، راڌا ڇند، وڌاتا ڇند، راس ڇند وغيره ۽ ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ انهن مان ڪافي مثال ملن ٿا. انهيءَ سلسلي ۾ محمد سومار شيخ جو ترتيب ڏنل ”شاهہ جو رسالو“ نهايت اهميت وارو آهي، جنهن ۾ هن صاحب شاهہ لطيف جي رسالي جي سمورن سرن ۾ موجود بيتن کي شاعري جي ”ڇند وديا“ جي اصولن تحت پرکي رسالو ترتيب ڏنو آهي، پر افسوس جو اهو هن وقت تائين قلمي صورت ۾ موجود آهي. انهي سلسلي ۾ هند جي ناليواري عالم ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي جي ٿيسز ”Shah Latif _ his Life & works“ ۾ پڻ مواد موجود آهي.

شاهہ سائينءَ جي وائي، ڇند جي اصولن تي پوري آهي ۽ ان کي سندس درگاهہ تي اڄ تائين ”ڏرپد“ جي انداز ۾ ڳايو وڃي ٿو. شاهہ لطيف جي ڪلام ۾، دوهي جا مقرر چارئي قسم يعني دوهو، سورٺو، ٻُڙو دوهو ۽ تونويري دوهو پڻ موجود آهن.

"دوهي ۾ دوهي جي سيني قسمن جي چندن ۾ 24 ماترائون ۽ چار چرڻ ٿين. پر جهڙيءَ ريت دوهو سورٺي جي اُبتڙ چند آهي. بڙو دوهو وري تونويري دوهي جي ابتڙ آهي. بڙو دوهو جي پهرين ۽ چوٿين چرڻ ۾ 11 - 11 ماترائون ٿين، ۽ جيئن دوها چند ۾ ٿيندو آهي، 13 - 13 ماترائن وارا نه. شاهه لطيف جي ڪوتا ۾ ڪٿي به (وڏن بيتن ۾ به) ان نيم جي پيڪڙي نه ٿي آهي. هيٺ ڏنل بيت جي مثال ۾ بڙو دوهو ۽ تونويري دوهو گڏ و گڏ آيا آهن:

لهرين لک لباسَ، پاڻيءَ پسڻُ هيڪڙو،
اونهي هِن عميق جي، واري چڏ وماسَ،
جِت ناهه نهايت نينهن جي، تِت ڪوءِ پنهنجي خاص،
ترڻ جي تلاش، لاهه ته لالڻ لڳ ٿيين.

(**سُر سهڻي**، داستان نائون) [22]

دوهن ۽ سورٺن جو ٻن سٽن کان وڌائي 5 - 7 يا وڌيڪ سٽن تائين استعمال ڪرڻ جي شاهه صاحب جي سنڌي ادب کي نئين ۽ شخصي ڏات آهي. ان کان سواءِ هن، هڪ دوهي ۽ اڌ سورٺي جي ميلاپ جا پڻ نوان آزمودا ڪيا آهن. (23) هيٺ ان جو مثال پيش آهي:

ايڪ پيالو به چٽا، عشق نه ڪري ايئن،
لِڪئا جي لڪڻ ۾، قربَ رسندا ڪيئن؟
هئڻ ڪيا هيئنءَ، وانجِئا، پس وصال ڪان.

(**سُر يمن ڪلياڻ**، داستان چوٿون)

شاعريءَ جو غنا ۽ ترنم سان پڻ نهايت گهرو تعلق آهي، شاعريءَ ۽ موسيقيءَ جو ساٿ ۽ سبنڌ جڳن کان جاري آهي، ان جو هڪڙو ڪارڻ ته اهو ٿي آهي ته هڪ سٺي شاعر جي شعرن منجهه ئي موسيقي سمايل هوندي آهي. جنهن کي جڏهن سُرن ۽ آوازن جو سنگم ملندو آهي ته سندس سونهن هيڪاري وڌي ويندي آهي. ڪلياڻ آڏواڻي به شاعريءَ ۾ موسيقيت کي وڏي اهميت ڏئي ٿو ۽ شاهه جي شاعريءَ جي موسيقيءَ کي پڻ سندس ڪلام جي هڪ وڏي خوبي ڄاڻائي ٿو. هو لکي ٿو ته" شعر، چترڪاري ۽ سنگتراشيءَ جي وچ جو سبنڌ آهي، تنهن کان وڌيڪ گهاٽو ناتو، قديم يونانين، گائن وديا، نرت ڪلا ۽ شعر جي وچ ۾ ڏٺو. شاعر کي هو 'ناهيندڙ' سڏيندا





هئا، پر 'ناهيندڙ' کان اڳي ڪيس 'ڳائيندڙ' ٿي سڏيائون. سچ پچ ته ڳائڻ ۽ شاعريءَ جا فن ٻئي گڏ اتپن ٿيا ۽ رقص ۽ ناچ سندن همساز ۽ دمساز رهندو آيو آهي. اها ڪهڙي مرده دل آهي، جا شعر کي آلاپڻ سان وجد ۾ نه ٿي اچي!... شاعر جي رڳن جون تندون هر وقت پيون تنوارين 'رڳون ٿيون رباب، وڄن ويل سڀ ڪنهن' شعر رڳن جي رباب جو وڄڻ آهي. شاهه هڪ اهڙي سرود تي هٿ ٿو هڻي، جو سٽندڙ وجد ۽ حال ۾ اچي ڦٿڪي ٿو."[24] ٻين لفظن ۾ ڀٽائيءَ جو ڪلام پنهنجي غنائيت ۽ موسيقي سبب نهايت اثرائتو ۽ ڀرپور آهي، ان ۾ موجود اندروني قافيو "جدا جدا سٽن ۽ مصرعن وارين عبارتن جي اچارن ۽ آوازن ۾ صوتي ميناج، ترنم ۽ لئي سمايل آهن."[25] ان کان علاوه ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ لفظي ورجاءَ پڻ انوکي موسيقي پيدا ڪئي آهي. "رسالي ۾ ڪن سُرن جي داستانن هيٺ، ڪافي بيت اهڙا آهن جو انهن مان پهرين بيت جي پهرين سٽ جي پهرين اڌ واري ٻولَ يا فقري کي، پوءِ هڪ يا ٻن يا وڌيڪ بيتن ۾ وري وري آندو ويو آهي. هيءَ 'وري وري ورجائڻ' واري سهڻي ورجيس شاهه کان اڳ واري 'ڪلاسيڪي شاعري' ۾ جزوي طور تي موجود آهي پر شاهه ان کي وڌيڪ نمايان ڪيو آهي. ساڳين فقرن کي ورجائڻ سان نه فقط 'معنوي تاڪيد' توڙي 'نفسياتي ڪيفيت جي تصديق' ٿئي ٿي، پر انهن مقصدن سان گڏوگڏ 'ساڳئي مسلسل آواز واري گونج' پڻ پيدا ٿئي ٿي."[26] بيتن ۾ سلسليوار ان لفظي ورجاءَ جي حوالي سان رسالي جي مختلف سُرن مان ڪيئي مثال پيش ڪري سگهجن ٿا. جيئن:

- "محبت جي ميدان ۾، عاشقَ ٿيءُ آچارُ...
- محبت جي ميدان ۾، اچي پيرَ پٽانِ...
- محبت جي ميدان ۾، ڪر پڙاڏو پٽُ...
- محبت جي ميدان ۾، سِرَ جو سانگ مَر ڪرِ...
- محبت جي ميدان ۾، سرَ جو ڪر مَ سانگُ..."[27]

- "تون سمون آئون گندري، مون ۾ عيبن جوءِ...
- تون سمون آئون گندري، مون ۾ عيب اپارَ...
- تون سمون آئون گندري، مون ۾ عيبن ڪوڙ...



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

- تون سمون آئون گندري، مون ۾ عيبن ويهَ...
- تُون سمون آئون گندري، مون ۾ عَيبَن لَکَ...“[28]

- ”نانگا نانيءَ هليا، سامي سيپئي...
- نانگا نانيءَ هليا، ويچارا وئا...
- نانگا نانيءَ هليا، چيلا چيلهه ٻڌن...
- نانگا نانيءَ هليا، هنگلاچان هلي...

- ڪن ڪَٽ، ڪاپٽ، ڪاپڙي، ڪنوٽيا ڪنَ چيرَ...
- ڪن ڪَٽ، ڪاپٽ، ڪاپڙي، ڪن جي ڪٽائين...
- ڪن ڪَٽ، ڪاپٽ، ڪاپڙي، ڪنوٽيا ڪن ڪٽَ...
- ڪن ڪَٽ، ڪاپٽ، ڪاپڙي، لانگوٽيا لالَ...“[29]

شاهه لطيف جي شاعريءَ جي موسيقي جي حوالي سان تنوير عباسي اعليٰ درجي جو ڪم ڪيو آهي. هن پنهنجي ڪتاب ”شاهه لطيف جي شاعريءَ“ ۾ لکيو آهي ته ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ موسيقي جو عنصر ڏاڍو نمايان آهي. هن نه فقط تجنيسِ حرفيءَ کان ڪم ورتو آهي، پر ڪيترين ئي گوناگون ترڪيبون استعمال ڪري پنهنجي شاعريءَ ۾ نغمگيءَ جو اثر پيدا ڪيو اٿس. انهن ۾ ٻٽو قافيو، اندروني قافيو، حرف صحيح جو ورجاءُ، حرف علت جو ورجاءُ، آواز سان، معنيٰ سان هم آهنگي ۽ خالص معنوي موسيقي - اهي سڀ ڳالهيون آهن، جيڪي شاهه لطيف کي عظيم غنائي شاعر بڻائين ٿيون.“[30]

مٿي مختصر طور سنڌي عالمن ۽ محققن جي علمي پورهيي ۽ تحقيق مطابق شاهه جي ڪلام جي جنهن فني، ادبي ۽ لسانياتي پرک جي جهلڪ پيش ڪئي وئي آهي، ان موجب شاهه لطيف جي شاعري، ادبي معيارن، شعري هنرن، ٻوليءَ جي حسناڪين، لغوي ۽ لسانياتي نزاڪتن توڙي شاعراڻي موسيقيت جي خوبين سان مالا مال آهي. هڪ ئي وقت اهي سموريون ادبي، شعري ۽ لسانياتي خوبيون تمام ٿورن شاعرن جي ڪلام ۾ ملنديون آهن. ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ نه رڳو مٿيون خوبيون ملن ٿيون، پر سندس شاعري ٻين به ڪيترن ئي گڻن سان ڀرپور آهي.





# حوالا


1. گربخشاڻي، هوتچند، ڊاڪٽر، ’مقدمه لطيفي‘، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، جولاءِ 2006ع، ص:: 51، 52.
2. ساڳيو. ص: 52.
3. ساڳيو، ص: 54 ۽ 55.
4. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’شاهه عبداللطيف ڀٽائي - مقالا ۽ مضمون‘، مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ثقافت کاتو حڪومتِ سنڌ، 2012ع، ص: 291.
5. ساڳيو، ص: 292.
6. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ’انساني نفسياتي ڪيفيتن، جذبن ۽ احساسن جو ترجمان شاعر - شاهه عبداللطيف ڀٽائي‘، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، 2014ع، ص: 212.
7. ساڳيو، ص:: 21 - 220.
8. شاد، بشير احمد، ڊاڪٽر، ’شاهه لطيف - هر دور جو شاعر‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2008ع، ص: 163.
9. الانا، غلام علي ڊاڪٽر، ’انساني نفسياتي ڪيفيتن، جذبن ۽ احساسن جو ترجمان شاعر - شاهه عبداللطيف ڀٽائي‘، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، 2014ع، ص: 220.
10. مٽلاڻي، منوهر بختراءِ، ڊاڪٽر، ’اساسي سنڌي شاعري‘ - مقالو ’شاهه، سچل ۽ سامي جي ڪلاسيڪي شاعريءَ تي هڪ نظر‘، هيرو شوڪاڻي - ڊپارٽمنٽ آف سنڌي، يونيورسٽي آف ممبئي، وديانگر ڪيمپس، ڊسمبر 2000ع، ص: 76.
11. شاد، بشير احمد، ڊاڪٽر، (مرتب)، ’پيهي منجهه پاتال‘ مقالو: ’شاهه جي عظمت جا اسباب‘، علامه دائود پوٽو، مهراڻ اڪيڊمي، 1992ع، ص: 34.
12. فهميده حسين، ڊاڪٽر، (ايڊيٽر)، ’ڪلاچي‘ تحقيقي جرنل. جون ع2003، مقالو: ’لطيف - سنڌي ٻوليءَ جو محافظ‘، ص: 90 – 91.
13. گدواڻي، پرسو، ڊاڪٽر، ’ڇپر ڇاٽون مڪيون‘ (شاهه جي شاعريءَ جو ادبي اڀياس)، باک ادبي اڪيڊمي، حيدرآباد، 1997ع، ص: 38.
14. ساڳيو، ص: 41.
15. شاد، بشير احمد، ڊاڪٽر، ’شاهه لطيف - هر دور جو شاعر‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2008ع، ص: 9.
16. سيد، اظهر گيلاني، ’شاهه جي ڪلام ۾ پهاڪا ۽ محاورا‘، مهراڻ اڪيڊمي، مئي 2004ع، ص: 13.
17. لطيفي، سليم ڀٽو، ’ قدر ڪيميا ان جو‘، Bless ۽ گلڙا پبليڪيشن، ٽنڊوڄام، 2004ع، ص: 123.
18. ساڳيو، ص: 123.
19. خالد، ڪريم بخش، ’گلستانِ لطيف‘ محڪمه اطلاعات، مغربي پاڪستان، حيدرآباد، 1962ع، ص: 44.
20. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’شاهه عبداللطيف ڀٽائي - مقالا ۽ مضمون‘، مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ثقافت کاتو حڪومتِ سنڌ، 2012ع،ص: 299.
21. ساڳيو، ص: 99 - 298.
22. فهميده حسين، ڊاڪٽر، (ايڊيٽر)، ’سنڌ - ماضي، حال ۽ مستقبل‘ مقالو: ’سنڌ ۽ هند ۾ شاهه لطيف جي فڪر و فن تي ٿيل ڪوجنا‘ - ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ص: 48.
23. گدواڻي، پرسو، ڊاڪٽر، ’ڇپر ڇاٽون مڪيون‘ (شاهه جي شاعريءَ جو ادبي اڀياس)، باک ادبي اڪيڊمي، حيدرآباد، 1997ع، ص: 56.
24. آڏواڻي، ڪلياڻ، ’شاهه سچل سامي‘، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، ڇاپو پهريون، آگسٽ 2010ع، ص: 48.
25. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’شاهه عبداللطيف ڀٽائي - مقالا ۽ مضمون‘، مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ثقافت کاتو حڪومتِ سنڌ، 2012ع، ص: 295.
26. ساڳيو، ص: 296 - 97.
27. شيخ، ٻانهون خان، ’شاهه جو رسالو‘، جلد پهريون، سُر جمن، داستان نائون، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، مئي 2000ع، ص: 88 ۽ 89.
28. ساڳيو، جلد ٽيون، سُر ڪاموڏ، داستان ٻيو،اپريل 2002ع، ص: 33 ۽ 534.
29. ساڳيو، جلد ٽيون، سُر رامڪلي، داستان پهريون، اپريل 2002ع، ص: 36، 37، 52 ۽ 53.
30. عباسي، تنوير، ’شاهه لطيف جي شاعري‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2000ع، ص: 148.